هفتيوار رسالو

تحریرات امیرِ اہلِ سنت قسط:3

# اَربعِينِ عطّار

قسط:3

امیرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه جي قلم سان لکيل 40 حديثون

(سنڌي)



شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه

ترجمو
TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **اربعينِ عطار (قسط:3)**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

پهريون دفعو : صفر المظفر 1447هہ اگسٽ 2025ع

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

# اربعينِ عطار (قسط: 3)

**ترجمو**

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

# اربعينِ عطار (قسط: 3)

دعاءِ عطار: يا الله پاڪ! جيڪو بہ هي رسالو ”**اربعينِ عطار (قسط: 3**)“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي، ان کي پنهنجي پياري آخري نبي، مکي مدني، محمد عربي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جنت ۾ پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن مون تي درود پاڪ پڙهيو، اُن جو درود پاڪ مون تائين پهچندو ۽ مان ان تي درود موڪليندس (يعني رحمت جي دعا ڪندس) ۽ ان کان علاوه ان لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون“. (اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط، 446/1، حديث: 1642)

## پهرين هن کي پڙهو

اميرِ اهلِ سنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مختلف موضوعن تي احاديث مبارڪ لکي عنايت فرمائيندا رهيا. جن کي گڏ ڪري پهرين ٻن اربعينِ عطار (**قسط** 1 ۽ **قسط** 2) وانگر قسط 3 جاري ڪئي پئي وڃي. موقعي جي مناسبت سان ڪجھ احاديث مبارڪ جي شرح بہ شعبي طرفان شامل ڪئي وئي آهي، تہ جيئن پڙهندڙن لاءِ احاديث مبارڪ جون معنائون ۽ مفهوم سمجهڻ آسان ٿئي. هي رسالو بہ اميرِ اهلِ سنت جي قلم سان لکيل حديث پاڪ ۽ شعبي ”هفتيوار رسالي جو مطالعو“ طرفان ان حديث جي پيش ڪيل ڪمپوزنگ سان گڏ پيش ڪيو پيو وڃي.

## جنهن دروازي کان چاهيو جنت ۾ داخل ٿي وڃو

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”منهنجي اُمت مان جنهن 40 حديثون ياد ڪيون، جن جي ذريعي الله پاڪ انهن کي نفعو عطا فرمائي تہ ان کي چيو ويندو: ”جنت جي جنهن دروازي کان چاهين داخل ٿي وڃ“. (اَلْعِلَلُ الْمُتَنَاهِيَة لِابْنِ جَوْزِی، 119/1، حديث: 162)

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي تہ الله پاڪ جي پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشـــاد فرمايو: ”جيڪو شـــخص منهنجي اُمت تائين پهچائڻ لاءِ دين جي باري ”چاليهہ حديثون“ ياد ڪندو تہ الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن عالِمِ دين جي حيثيت ســـان اٿاريندو، قيامت جي ڏينهن مان ان جي شـــفاعت ڪندس ۽ ان جي حق ۾ گواهہ هوندس.“ (مِشکاۃُ الْمَصابِیْح، 68/1، حدیث: 258)

## چاليهہ حديثون ئي ڇو؟

حضرتِ شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: علماءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن ارشاد جو مقصد ماڻهن تائين چاليهہ حديثون پهچائڻ آهي، چاهي اهي ياد نہ هجن ۽ نہ ئي انهن جي معنيٰ ڪيس معلوم هجي. انهيءَ حديث پاڪ جي ڪري گذريل ڪيئي وڏن وڏن عالمن سڀڪورن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شـــفاعت جو اميدوار ٿيڻ ۽ ماڻهن کي بنائڻ لاءِ ”اربعينات“ (يعني چاليهہ حديثون) تحرير فرمايون. شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي باري ۾ عاجزي ۽ انڪساري ڪندي لکن ٿا: فقير حقير بہ ”چهل (يعني چاليهہ ) حديث“ جو هڪ مجموعو تاليف ڪيو آهي. علمِ حديث جي خدمت ۽ تدريس کان پوءِ سڀ کان پهرين مون کي جنهن تاليف جي توفيق عطا ٿي، اها ”اربعين“ (يعني چاليهہ حديثون) آهي. (اَشِعَّةُ اللَّمْعات (اردو)، 517/1 ملخصاً)

الله ڪريم پنهنجي فضـل ۽ ڪرم ســان هن ڪتاب کي اسـان جي پير و مرشـــد اميرِ اهلِ ســـنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه، ســـندن والدين ۽ جنهن جنهن بہ هن ڪتاب تي ڪم ڪيو، انهن سڀني لاءِ بي حساب بخشش ۽ شفاعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذريعو بنائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

والسّلام مع الاڪرام
طالبِ غمِ مدينہ و بقيع و بي حساب مغفرت
(ابومحمد طاهر عطاري مدني عفي عنه)
20محرم شريف 1447ھ / 16 جولاءِ 2025ع

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# اربعينِ عطار (قسط: 3)

﴿1﴾

## فَاطِمَةُ بِضْعَةٌ مِنِّیْ فَمَنْ اَغْضَبَهَا اَغْضَبَنِیْ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”فاطمہ منهنجو ٽڪرو آهي، جنهن هن کي ناراض ڪيو، ان مون کي ناراض ڪيو“. (بُخاری، 550/2، حديث: 3767)

شــرحِ حديث: حضــرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني ”فاطمہ“ منهنجي گوشت جو ٽڪرو آهي. (مِرْقَاةُ الْمَفَاتِيْح، 514/10، تحت الحديث: 6139)

﴿2﴾

## اَفْضَلُ الصِّيَامِ، بَعْدَ رَمَضَانَ، شَهْرُ اللّٰهِ الْمُحَرَّمُ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”رمضان جي مهيني کان پوءِ سڀ کان افضل روزا، الله پاڪ جي مهيني محرم جا روزا آهن.“ (مُسلِم، ص 456، حديث: 2755 ملتقطاً)

شرحِ حديث: محرم شريف نئين اسلامي سال جو پهريون مهينو آهي ۽ اجا هن سال جي رمضان شريف جو مهينو نہ آيو آهي، جڏهن نئين سال جي شروعات روزي سان ٿيندي، جيڪو افضل عملن مان آهي، جنهن بابت نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي تہ ”روزو روشني آهي.“ تنهنڪري جڏهن انسان پنهنجي سال جي شروعات روشنيءَ سان ڪندو تہ اهو باقي سال بہ ان ئي روشنيءَ ۾ گذاريندو. (اَلْمُفْهِمُ لِمَا اَشْكَلَ مِنْ تَلْخِيْصِ كِتَابِ مُسْلِم، 235/3، تحت الحديث: 1032) محرم کي ”الله جو مهينو“ فرمايو ويو، يعني الله جي محبوبن جو مهينو، ڇو تہ جيڪو الله جي ٻانهن جو ٿي وڃي اهو الله جو ٿي ويندو آهي. ۽ جنهن ڏينهن يا جنهن مهيني ۾ ڪو اهم ڪم ٿيو هجي، ان ۾ عبادتون ڪرڻ بهتر آهي. تنهنڪري ربيع الآخر جي يارهين، ربيع الاول جي ٻارهين، ۽ رجب جي ستاويهين افضل تاريخون آهن، ۽ انهن ۾ عبادتون، روزا، نوافل، ميلاد شريف وغيره ڪرڻ تمام بهتر آهي“.
(مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح، 179/3 بتغيرٍ)

﴿3﴾

لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ مَنْ لَا يَأْمَنُ جَارُهُ بَوَآئِقَهُ۔

فرمانِ مصــــطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”اهو جنت ۾ نـہ وينـدو، جنهن جو پاڙيسري ان جي آفتن کان امن ۾ نہ هجي.“ (مُسلِم، ص 48، حديث: 172)

**شرحِ حديث:** هتي پاڙيسـري مان مراد گهر سان گڏ رهندڙ ۽ کم ڪار وغيره ۾ گڏ رهندڙ بئي تي ســــگهن ٿا. انهن مان هر هڪ جي حقن جو خيال رکڻ ضـــروري آهي ۽ عام مســـلمان جي پيٽ ۾ انهن کي تڪليف پهچائڻ وڏيڪ حرام ۽ گناهہ جو ڪم آهي.

جنت ۾ داخل نہ ٿيڻ جا ٻہ مطلب آهن: ﴿1﴾ جيڪو شـــخص پاڙيســـري کي تڪليف ڏيڻ حلال سمجهي، جڏهن تہ ان کي علم هجي تہ شريعت ان کي حرام فرمايو آهي تہ اهڙو شـــخص (حرام کي حلال ســمجهڻ ســبب) ڪـافر آهي ۽ ڪڏهن بہ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. ﴿2﴾ جيڪو شـــخص پاڙيســـري کي تڪليف پهچائڻ گناهہ ســمجهندو آهي پر ان گناهہ ۾ مبتلا آهي، ان جي ســـزا اها آهي تہ هو جنت ۾ ان وقت داخل نہ ٿيندو جڏهن اها ڪـامياب ماڻهن لاءِ کولي وينـدي، بلڪـ ان کي ڪجهہ دير لاءِ روڪيو ويندو، پوءِ ممڪن آهي تہ ان کي سزا ڏني وڃي يا الله پاڪ ان کي معاف ڪري جنت ۾ داخل ڪري يا جيڪي ماڻهو پاڙيســـرين جا حق ادا ڪندا هئا، هي انهن ســـان گڏ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو يا ان کي ان خاص جنت ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو ويندو جيڪا پاڙيســـرين جا حق ادا ڪندڙن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. (شَرْحُ صَحِيْح مُسْلِم لِلنَّوَوِی، 17/2۔ اَلْمُفْهِمُ لِمَا اَشْكَلَ مِنْ تَلْخِيْص كِتَابِ مُسْلِم، 228/1، تحت الحديث: 3)

﴿4﴾

لَا تُظْهِرِ الشَّمَاتَةَ لِاَخِيْكَ فَيَرْحَمَهُ اللّٰهُ وَيَبْتَلِيْكَ۔

فرمانِ مصــطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”پنهنجي ڀاءُ جي شــماتت (يعني ان جي مصيبت تي خوشي جو اظهار) نہ ڪر، جو تہ الله پاڪ ان تي رحم ڪندو ۽ توکي ان ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو.“ (ترمذی، 227/4، حديث: 2514)

**شـــرحِ حديث:** حضـــرت علامہ علي قاري حنفي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پنهنجي ڪنهن دشمن يا مسلمان ڀاءَ جي ديني، دنياوي يا مالي مصيبت تي خوش نہ ٿيءُ، جو تہ تي ســگهي ٿو تہ تنهنجو پاڻ کي ان (مبتلا شـــخص) کان بهتر ۽ بلند مرتبہ سـمجهڻ جي ڪري الله پاڪ توکي رسـوا ڪرڻ لاءِ

ان تي رحم فرمائي ۽ توکي آزمائش ۾ مبتلا ڪري ڇڏي.
(مِرْقَاةُ الْمَفَاتِيْح، 597/8، تحت الحديث: 4856) (شَرْحُ مَصَابِيْحِ السُّنَّة، 254/5، تحت الحديث: 3784)

﴿5﴾

## گهر ۾ اتفاق هجي

ثَلَاثَةٌ كُلُّهُمْ ضَامِنٌ عَلَى اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ: وَرَجُلٌ دَخَلَ بَيْتَهُ بِسَلَامٍ فَهُوَضَامِنٌ عَلَى اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”ٽي شخص اهڙا آهن جن جو ذمو الله پاڪ کنيو آهي (انهن مان ٽيون) اهو شخص جيڪو پنهنجي گهر ۾ سلام ڪري داخل ٿيو.“ (اَبُوْ دَاوٗد، 12/3، حديث: 2494 ملتقطاً)

شرحِ حديث: ان جي شرح ۾ اهو به آهي ته ان سان گهر ۾ اتفاق، رزق ۾ برڪت ۽ نيڪ عملن جي توفيق ملندي آهي. (مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح، 448/1) جڏهن ڪو شخص گهر ۾ داخل ٿئي ۽ پنهنجي گهر وارن کي سلام ڪري ته الله پاڪ ان کي برڪت ۽ گهڻو ثواب عطا فرمائيندو آهي. اهو به چيو ويو آهي ته ان جو مطلب اهو آهي ته جڏهن هو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿئي ته (بغير ضرورت) ٻاهر نه نڪري ته جيئن هو (ٻاهر جي) آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رهي. (مِرْقَاةُ الْمَفَاتِيْح، 432/2، تحت الحديث: 727)

﴿6﴾

لَيْسَ مِنْكُنَّ اِمْرَاَةٌ تَحَلَّى ذَهَبًا تُظْهِرُهُ، اِلَّا عُذِّبَتْ بِهٖ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”توهان مان جيڪا به عورت سون جا زيور پائي، جنهن کي ظاهر ڪري، ان کي ان جي سبب عذاب ڏنو ويندو.“
(اَبُوْ دَاوٗد، 126/4، حديث: 4237)

شرحِ حديث: يعني اجنبي مردن (يعني جن سان هميشه لاءِ نڪاح حرام نه هجي) تي ظاهر ڪري ته پنهنجو حسن ۽ زيور ٻين کي ڏيکاري يا فخر ۽ غرور لاءِ ڏيکاءُ ڪري يا غريب عورتن کي فخر سان ڏيکاري انهن کي ڏک پهچائي. (مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح، 138/6 ماخوذاً)

﴿7﴾

اَلنَّظَرُ اِلٰى وَجْهِ عَلِيٍّ عِبَادَةٌ۔

حسنين جي ناني جو فرمان آهي. صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”علي المرتضيٰ کي ڏسڻ عبادت آهي“. (اَلْمُسْتَدْرَک، 118/4، حديث: 4737)

﴿8﴾

اَلدُّعَآءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِنِ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”دعا مؤمن جو هٿيار آهي“.
(اَلْمُسْتَدْرَک، 162/2، حديث: 1855)

شرحِ حديث: مؤمن دعا جي ذريعي پنهنجون مصيبتون ائين ئي دور ۽ انهن جو علاج ڪندو آهي، جيئن هٿيار جي ذريعي پنهنجي دشمن کي دور ڪندو آهي. مؤمن جي دعا سان مصيبتن جون ٽي صورتون آهن: ﴿1﴾دعا مصيبت کان وڌيڪ مضبوط هوندي آهي ته دعا مصيبت کي دور ڪري ڇڏيندي آهي. ﴿2﴾ دعا مصيبت کان ڪمزور هوندي آهي ته مصيبت ٻانهي کي پهچي ويندي آهي پر ڪڏهن دعا جي برڪت سان مصيبت جي شدت گهٽ ٿي ويندي آهي. ﴿3﴾ دعا ۽ مصيبت ٻئي پاڻ ۾ جهيڙو ڪنديون آهن ته انهن مان هر هڪ ٻئي کي روڪي ڇڏيندي آهي.

الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا کي هٿيار جي قائم مقام فرمائي هن ڳالهه کي ظاهر فرمايو ته هٿيار جو فائدو صرف ڌار جي تيز هجڻ سان ئي نه ٿيندو آهي، بلڪ ان جو اثر ڪرڻ ۾ ان جي استعمال ڪندڙ تي به موقوف هوندو آهي. جڏهن هٿيار مڪمل هجي، ان ۾ ڪا خرابي نه هجي، وار ڪرڻ وارو مضبوط هجي ۽ ڪا رڪاوٽ نه هجي، ته ان سان دشمن تي غلبو حاصل ٿي ويندو آهي.

پر جيڪڏهن انهن ٽنهي مان ڪا هڪ شيءِ به نه هجي ته اثر گهٽجي ويندو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن دعا ڪندڙ مڪمل توجه سان نه ڪري يا قبوليت ۾ ڪا رڪاوٽ هجي ته دعا جو اثر ظاهر نه ٿيندو آهي. ۽ جڏهن خود دعا ئي درست نه هجي ۽ دعا گهرندڙ توجهه سان دعا نه گهري يا وري اتي دعا جي قبول ٿيڻ ۾ ڪا بي رڪاوٽ موجود هجي ته دعا جي قبوليت جو اثر ظاهر نه ٿيندو آهي. (فَيْضُ الْقَدِيْر، 722/3، تحت الحديث: 4258)

﴿9﴾

كُلُّ الذُّنُوْبِ يُؤَخِّرُ اللهُ مَا شَآءَ مِنْهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ اِلَّا عُقُوْقَ الْوَالِدَيْنِ فَاِنَّ اللهَ تَعَالٰى يُعَجِّلُهُ لِصَاحِبِهٖ فِى الْحَيَاةِ قَبْلَ الْمَمَاتِ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ” الله پاڪ چاهي ته (ٻين) سڀني گناهن

جي ســـزا قيامت جي لاءِ رکي ڇڏيندو آهي، پر ماءُ پيءُ جي نافرمانيءَ جي سزا جيئري ئي ڏئي ڇڏيندو آهي.“ (اَلْمُسْتَدْرَک، 216/5، حديث: 7345)

شـــرحِ حديث: حضـــرت علامہ علي قاري حنفي رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: والدين جي نافرمان جي ســـزا کي قيامت جي ڏينهن تائين ملتوي نہ ڪيو ويندو آهي، بلڪ ان نافرمان کي مرڻ کان پهرين پنهنجي زندگي يا والدين جي زندگي ۾ سزا ڏيڻ بہ مراد ٿي سگهي ٿو. (مِرْقَاةُ الْمَفَاتِيح، 679/8، تحت الحديث: 4945)

﴾10﴿

مَنْ اَنْفَقَ زَوْجاً مِنْ مَالِهٖ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ دَعَتْهُ خَزَنَةُ الْجَنَّةِ يَا مُسْلِمُ هٰذَا خَيْرٌ هَلُمَّ اِلَيْهِ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو ماڻهو ڪنهن شـــيءِ جو جوڙو الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪندو، ان کي جنت جا دربان هيئن آواز ڏيندا: اي مسلمان! هي دروازو بهتر آهي، هتي اچي وڃ!“

(اَلْمُسندُلِلْاِمَام اَحْمد، 295/3، حديث: 8798 ملخصا)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بهتر اهو آهي تہ صـــدقي (يعني خيرات) ۾ جيڪو ڏئي، ٻن جي تعداد ۾ ڏئي، جيئن حديث پاڪ ۾ آيو آهي. سونُ مثلاً ٻہ پئسا، ٻہ مانيون... (فتاويٰ رضويه، 639/7)

﴾11﴿

## سڄي زمين جيترو سونُ

لَوْ اَنَّ رَجُلًا صَامَ يَوْمًا تَطَوُّعًا، ثُمَّ اُعْطِيَ مِلْءَ الْاَرْضِ ذَهَبًا لَمْ يَسْتَوْفِ ثَوَابَهُ دُوْنَ يَوْمِ الْحِسَابِ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن نفلي روزو رکيو ۽ سڄي زمين جيترو سون ان کي ڏنو وڃي، تڏهن بہ ان جو ثواب پورو نہ ٿيندو، ان جو ثواب تہ قيامت جي ڏينهن ئي ملندو.

(مُسْنَدُ اَبِي يعلىٰ، 353/5، حديث: 6104)

﴾12﴿

اِذَا صَلّٰى ثُمَّ جَلَسَ فِيْ مَجْلِسِهِ الَّذِىْ صَلّٰى فِيْهِ، لَمْ تَزَلِ الْمَلَائِكَةُ تُصَلِّيْ عَلَيْهِ: مَا لَمْ يُحْدِثْ اَوْ يَقُمْ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو ٻانهو نماز پڙهي، جيســـتائين

ان جاءِ تي وينو رهندو آهي، فرشتا ان لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن،(1) جيستائين بي وضو نہ ٿئي يا اٿي نہ بيهي.“

(مُسْنَدُ اَبِی یعلیٰ، 469/5، حدیث: 6432 ملتقطاً)

﴿13﴾

## مغفرت کان محروم

تُعْرَضُ الْاَعْمَالُ عَلَى اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ يَوْمَ الْاِثْنَيْنِ وَالْخَمِيْسِ، فَيَغْفِرُ اللّٰهُ اِلَّا مَا كَانَ مِنْ مُشَاحِنَيْنِ، اَوْ قَاطِعِ رَحِمٍ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”سومر ۽ خميس تي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ماڻهن جا اعمال پيش ٿيندا آهن، تہ الله پاڪ پاڻ ۾ عداوت (يعني دشمني) ۽ قطع رحمي ڪرڻ (يعني رشتيداري ٽوڙڻ) وارن کان سواءِ سڀني جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي.“ (اَلْمُعْجَمُ الْكَبِيْر، 167/1، حديث: 409)

شرحِ حديث: امام حليمي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اعمال لکندڙ فرشتا بدلجندا رهندا آهن. فرشتن جو هڪ گروهہ سومر شريف کان خميس تائين رهندو آهي، پوءِ اهو آسمان ڏانهن هليو ويندو آهي ۽ ٻيو گروهہ خميس کان سومر شريف تائين رهندو آهي ۽ پوءِ آسمان ڏانهن پرواز ڪندو آهي. جڏهن بہ ڪو گروهہ آسمان تي پنهنجي مقام تي پهچندو آهي تہ اعمالنامي ۾ جيڪو ڪجهہ انهن لکيو هوندو آهي اهو پڙهندا آهن. الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ اعمالنامو پيش ڪرڻ جي هي صورت هوندي آهي، جيتوڻيڪ الله پاڪ انهن جي لکڻ يا اعمالنامو پڙهي ٻڌائڻ کان غني (يعني بي نياز) آهي، ڇو تہ هو ماڻهن جي عملن کي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻڻ وارو آهي. الله پاڪ گنهگارن جا گناهہ بخشي ڇڏيندو آهي. هن حديث ۽ ان کان اڳ واري حديث ۾ بخشش مان مراد صغيره (يعني ننڍن) گناهن جي بخشش آهي، نہ ڪي ڪبيره (يعني وڏن) گناهن جي، ڇوتہ ڪبيره گناهن جي معافي لاءِ توبہ ضروري آهي. (اَلتَّيْسِيْرُ بِشَرْحِ الْجَامِعِ الصَّغِيْر، 450/1)

---

1…. فرشتن جي مغفرت جي دعا ان (وينل) جي لاءِ هي آهي: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَهُ، اَللّٰهُمَّ ارْحَمْهُ. (يعني: اي الله پاڪ! تون هن کي بخشي ڇڏ، اي الله پاڪ! تون هن تي رحم فرماءِ.)

﴿14﴾

اَلْقَهْقَهَةُ مِنَ الشَّيْطَانِ، وَالتَّبَسُّمُ مِنَ اللهِ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”ٽهڪ (يعني آواز سان کلڻ) شيطان طرفان آهي ۽ مرڪڻ الله پاڪ طرفان آهي.“ (اَلْمُعْجَمُ الصَّغِيْر، 104/2، حديث: 1053)

**مرڪ ۽ ٽهڪ جي تعريف:** اهڙي طرح کلڻ جو صرف ڏند ظاهر ٿين، آواز پيدا نہ ٿئي ”تبسم“ چئبو آهي ۽ اهڙي طرح کلڻ جو وڏو آواز پيدا ٿئي جو ٻيو بہ ٻڌي ۽ وات کلي وڃي اهو **”ٽهڪ“** آهي. (مِراٰةُ الْمَنَاجِيْح، 401/6 ملخصاً)

**شرح حديث:** يعني شيطان ٽهڪ کي پسند ڪندو آهي ۽ ٽهڪ ڏيڻ تي اڀاريندو آهي ۽ الله پاڪ تبسم (يعني مرڪڻ) کي پسند فرمائيندو آهي ۽ الله پاڪ مرڪڻ واري کان ناراض نہ ٿيندو آهي ۽ اهو انبياءِ ڪرام عليهم السلام جو طريقو آهي. (فَيْضُ الْقَدِيْر، 706/4، تحت الحديث: 6196)

﴿15﴾

## گناهن جي معافي ملي ويندي آهي

مَا انْتَعَلَ عَبْدٌ قَطُّ وَلَا تَخَفَّفَ وَلَا لَبِسَ ثَوْبًا لِيَغْدُوَ فِي طَلَبِ عِلْمٍ اِلَّا غَفَرَ اللهُ لَهُ ذُنُوبَهُ حَيْثُ يَخْطُوْ عَتَبَةَ بَابِهٖ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو ٻانهو علم جي جستجو(يعني ڳولا) ۾ جُتي، موزا يا ڪپڙا پائيندو آهي تہ پنهنجي گهر جي چوکٽ (يعني دروازي) کان نڪرندي ئي الله پاڪ ان جا گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو آهي.“ (اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط، 204/4، حديث: 5722)

﴿16﴾

مَنْ اَرَادَ اَمْرًا فَشَاوَرَ فِيْهِ اِمْرَأً مُسْلِمًا وَفَّقَهُ اللهُ اَرْشَدَ اُمُوْرِهٖ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري ۽ ان ۾ ڪنهن مسلمان شخص سان مشورو ڪري، الله پاڪ ان کي درست ڪم جي هدايت ڏئي ڇڏيندو آهي.“ (اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط، 152/6، حديث: 8333)

﴿17﴾

اِنَّ اللهَ لَيَدْفَعُ بِالْمُسْلِمِ الصَّالِحِ عَنْ مِائَةِ اَهْلِ بَيْتٍ مِنْ جِيْرَانِهِ الْبَلَاءَ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”اللّٰه پاڪ هڪ صالح (يعني نيڪ) مسلمانَ جي برڪت سان ان جي پاڙي جي 100 گهر وارن جي بلا (يعني آفت) دفع فرمائي ڇڏيندو آهي.“ (اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط، 129/3، حديث: 4080)

شرح حديث: اللّٰه پاڪ پنهنجي بارگاهه ۾ ان نيڪ ٻانهي جي مقام ۽ مرتبي يا ان جي دعا سبب بلائون دور فرمائيندو آهي. سو (100) جو عدد ڪثرت کي بيان ڪرڻ لاءِ آهي، نه ڪي حد بندي لاءِ، جو ته پاڙي جو جيڪو تعداد بيان ڪيو ويندو آهي اهو چئني طرفن کان چاليهه چاليهه گهر آهي، جيڪو سؤ جي عدد کان وڌيڪ آهي. (فَيْضُ الْقَدِيْر، 331/2، تحت الحديث: 1794) هڪ ٻئي مقام تي آهي ته اللّٰه پاڪ پنهنجو ذڪر ڪندڙن جي برڪت سان ذڪر نه ڪندڙن کان، نماز پڙهندڙن جي برڪت سان نه پڙهندڙن کان ۽ روزا رکندڙن جي برڪت سان نه رکندڙن کان بلائون دور فرمائيندو آهي.
(اَلتَّيْسِيْر بِشَرْحِ الْجَامِعِ الصَّغِيْر، 261/1)

﴿18﴾

## مغفرت ٿي ويندي

اَكْرِمُوا الْخُبْزَ فَاِنَّهٗ مِنْ بَرَكَاتِ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ، مَنْ اَكَلَ مَا سَقَطَ مِنَ السُّفْرَةِ غُفِرَلَهٗ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”مانيءَ جو احترام ڪريو، ڇو ته اها آسمان ۽ زمين جي برڪتن مان آهي، جيڪو شخص دسترخوان تان ڪريل ماني کي کائيندو، ان جي مغفرت ٿي ويندي.“ (اَلْجَامِعُ الصَّغِيْر، ص 88، حديث: 1426)

شرح حديث: يعني اللّٰه پاڪ ان جا ننڍا گناهه بخشي ڇڏيندو ۽ عذاب نه ڏيندو. (فَيْضُ الْقَدِيْر، 118/2، تحت الحديث: 1426)

﴿19﴾

مَنْ دَعَا رَجُلًا بِغَيْرِ اِسْمِهٖ لَعَنَتْهُ الْمَلَآئِكَةُ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن ڪنهن مسلمان کي ان جي نالي کان سواءِ ڪنهن ٻئي لفظ (يعني خراب نالي) سان سڏيو، ان تي ملائڪ (يعني فرشتا) لعنت موڪليندا آهن.“ (عَمَلُ الْيَوْمِ وَ اللَّيْلَة، ص 175، حديث: 395)

شرح حديث: يعني خراب نالي يا اهڙي نالي سان سڏي، جنهن کي هو ناپسند ڪري، ان تي فرشتا لعنت موڪليندا آهن (يعني نيڪ ماڻهن جي مقام ۽ مرتبي کان دوري جي دعا ڪندا آهن). البته ڪنهن کي ”يا عبداللّٰه“ يعني اي اللّٰه جا ٻانها! سڏڻ ۾ ڪو حرج ناهي. (فَيْضُ الْقَدِيْر، 163/6، تحت الحديث: 8666)

﴿20﴾

اَدِّبُوا اَوْلَادَكُمْ عَلٰی خِصَالٍ ثَلَاثٍ: حُبِّ نَبِيِّكُمْ، وَحُبِّ اَهْلِ بَيْتِهٖ، وَعَلٰی قِرَآءَةِ الْقُرْآنِ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”پنهنجي اولاد کي ٽي ڳالهيون سيکاريو: پنهنجي نبي جي محبت، اهل بيت جي محبت ۽ قرآن جي تلاوت.“ (اِتْحَافُ الْخِيَرَةِ الْمَهْرَةِ بِزَوَائِدِ الْمَسَانِيْدِ الْعَشَرَةِ، 386/10، 10101)

شرحِ حديث: حضرت علامہ عبدالرؤوف مناوي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انهن ٽنهي خصلتن جي اهميت کي نظر ۾ رکندي خاص طور تي (انهن کي) ذڪر فرمايو. مراد هي آهي تہ اولاد کي انهن ٽنهي خصلتن جو عادي بڻايو تہ انهن تي ئي پروان چڙهن (يعني وڏا ٿين) ۽ هميشہ انهن تي قائم رهن. پڻ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت مان سندن ايماني محبت مراد آهي. هي واجب هوندي آهي ڇو تہ اها دين جي پيروي ڪرڻ تي ايارينديِ آهي. (فَيْضُ الْقَدِيْر، 292/1)

﴿21﴾

مَنْ خَزَنَ لِسَانَهٗ سَتَرَ اللّٰهُ عَوْرَتَهٗ وَمَنْ كَفَّ غَضَبَهٗ كَفَّ اللّٰهُ عَنْهُ عَذَابَهٗ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَمَنِ اعْتَذَرَ اِلَی اللّٰهِ عَزَّوَجَلَّ قَبِلَ عُذْرَهٗ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص پنهنجي زبان جي حفاظت ڪندو، الله (پاڪ) ان جي پرده پوشي فرمائيندو ۽ جيڪو پنهنجي غصي کي روڪيندو، قيامت جي ڏينهن الله پاڪ پنهنجو عذاب ان کان روڪي ڇڏيندو ۽ جيڪو الله (پاڪ) کان عذر ڪندو، الله (پاڪ) ان جو عذر قبول فرمائيندو.“ (شُعَبُ الْاِيْمَان، 315/6، حديث: 831)

شرحِ حديث: جنهن ماڻهن جا عيب لڪايا، الله پاڪ ماڻهن ۽ ملائڪن کان ان جا عيب لڪائيندو.

(شَرْحُ الطِّيبِی، 299/9، تحت الحديث: 5121) (مِرْقَاةُ الْمَفَاتِيْح، 844/8 تا 845، تحت الحديث: 5121 ملخصاً)

﴿22﴾

اَكْرِمُوْا اَصْحَابِیْ، فَاِنَّهُمْ خِيَارُكُمْ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”منهنجي صحابہ جي عزت ڪيو، ڇو تہ اهي توهان ۾ بهترين ماڻهو آهن.“ (مِشْكَاةُ الْمَصَابِيْح، 413/2، حديث: 6012)

شرحِ حديث: تقريباً چار سؤ سال پهريان جا بزرگ حضرت علامہ علي

قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي فرمانِ عالي شان امت لاءِ آهي تہ تمام صحابہ ڪرام (عَلَيْهِمُ الرِّضْوان) جي عزت ۽ تعظيم ڪئي وڃي. (مِرْقَاةُ الْمَفَاتِيْح، 362/10، تحت الحديث: 6012)
جن صحابہ (عَلَيْهِمُ الرِّضْوان) حضور انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت ماڻي، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان علم ۽ عمل حاصل ڪيا، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تربيت ماڻي، اهي تہ انسان ڇا ملائڪن کان وڌي ويا. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جمال (يعني خوبصورت چهري) تي هڪ نظر اهو ڪم ڪري ٿي جيڪو عمر ڀر جا چلا، خلوتون ۽ عبادتون نہ ٿيون ڪري سگهن. ڪو بہ ان (يعني صحابي) جهڙو نہ ٿو ٿي سگهي. (مراٰة المناجيح، 340/8)
صحابي ڪنهن کي چئبو آهي: حضرت علامہ حافظ ابن حجر عسقلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جن خوش نصيبن ايمان جي حالت ۾ الله ڪريم جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملاقات ڪئي هجي ۽ ايمان تي ئي انهن جو انتقال شريف ٿيو هجي، انهن خوش نصيبن کي ”صحابي“ چئبو آهي.
(نُخْبَةُ الْفِكَر، ص 111)

﴿23﴾

## اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى يُحِبُّ الشَّابَّ التَّآئِبَ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جوانيءَ ۾ توبہ ڪرڻ وارو شخص الله پاڪ جو محبوب (يعني پيارو) آهي.“ (كَنْزُ الْعُمَّال، جز 4، 87/2، حديث: 1018)
شرح حديث: ڇو تہ جوانيءَ ۾ شهوت (يعني خواهش) جو غلبو هوندو آهي ۽ عقل ناقص (يعني ڪمزور) هوندو آهي ۽ گناهن جا سبب مضبوط هوندا آهن، ان ڪري جڏهن ڪو نوجوان گناهہ جي طاقت هجڻ باوجود توبہ ڪري ٿو تہ الله پاڪ ان سان محبت فرمائيندو آهي.
(اَلتَّيْسِيْر بِشَرْحِ الْجَامِعِ الصَّغِيْر، 269/1)

﴿24﴾

## مَنْ بَكٰى مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ غَفَرَ اللّٰهُ لَهٗ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص الله پاڪ جي خوف کان روئي، اَللّٰه پاڪ ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندو.“ (كَنْزُ الْعُمَّال، جز: 3، 63/2، حديث: 5909)
شرح حديث: حضرت علامہ محمد بن علان شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جو اهڙو خوف هجي جيڪو خداوندي حڪمن جي پاسداري ۽ برائين کان روڪي. لهٰذا جنهن کي اهڙو خوف هوندو، اهو جهنم جي باهہ

۾ نہ ويندو، ڇاڪاڻ تہ هي ڪريم پروردگار جو واعدو آهي.
(دَلِيْلُ الْفَالِحِيْن، 364/2، تحت الحديث: 448)

﴿25﴾

اَلسَّخَآءُ شَجَرَةٌ فِي الْجَنَّةِ وَعُثْمَانُ بْنُ عَفَّانٍ غُصْنٌ مِّنْ اَغْصَانِهَا۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”سخاوت هڪ جنتي وڻ آهي ۽ عثمان ان جي شاخن مان هڪ شاخ آهي.“ (كَنْزُ الْعُمَّال، جز 11، 273/6، حديث: 32849)

﴿26﴾

لَايَرٰى اِمْرَؤٌ مِنْ اَخِيْهِ سَيِّئَةً فَيَسْتُرُهَا عَلَيْهِ اِلَّا اُدْخِلَ الْجَنَّةَ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شـــخص پنهنجي ڀاءُ جو عيب ڏسي ان کي لڪائي ڇڏي تہ اهو جنت ۾ داخل ڪيو ويندو.“
(كَنْزُ الْعُمَّال، جز 3، 103/2، حديث: 6394)

﴿27﴾

مَنْ وُّلِدَ لَهٗ مَوْلُوْدٌ ذَكَرٌ فَسَمَّاهُ مُحَمَّدًا حُبًّا لِيْ وَتَبَرُّكًا بِاِسْمِيْ فَاِنَّهٗ هُوَ وَمَوْلُوْدُهٗ فِي الْجَنَّةِ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن جي گهر ۾ ڇوڪرو پيدا ٿئي ۽ اهو منهنجي محبت ۽ منهنجي نالي ســـان برڪت حاصـــل ڪرڻ لاءِ ان جو نالو محمد رکي، تہ اهو ۽ ان جو ڇوڪرو ٻئي جنت ۾ ويندا.“ (جَمْعُ الْجَوَامِع، 295/7، حديث: 23255)

﴿28﴾

اِذَا تَرَكَ الْعَبْدُ الدُّعَاءَ لِلْوَالِدَيْنِ فَاِنَّهٗ يَنْقَطِعُ عَنْهُ الرِّزْقُ۔

فرمانِ مصـطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”ٻانهو جڏهن ماءُ پيءُ لاءِ دعا ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي، ان جو رزق قطع ٿي (يعني ڪٽجي) ويندو آهي.“
(جَمْعُ الْجَوَامِع، 292/1، حديث: 2138)

اعليٰ حضــرت جا والد محترم مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: والدين لاءِ دعا ”سنتِ قديمہ“ (يعني پراڻو طريقو) آهي، جيڪو حضرت نوح عليہ السلام جي وقت کان جاري آهي. الله پاڪ انهن کان حڪايت فرمائي ٿو: ﴿رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ﴾ (پ29، نوح: 28)

ترجمو ڪنزالايمان: ”اي منهنجا رب! مون کي بخش ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي.“ (فضائلِ دعا، ص 90)

﴿29﴾

فِيْ رَجَبٍ يَوْمٌ وَلَيْلَةٌ، مَنْ صَامَ ذٰلِكَ الْيَوْمَ، وَقَامَ تِلْكَ اللَّيْلَةَ، كَانَ كَمَنْ صَامَ مِنَ الدَّهْرِ مِائَةَ سَنَةٍ، وَقَامَ مِائَةَ سَنَةٍ وَهُوَ لِثَلَاثٍ بَقِيْنَ مِنْ رَجَبٍ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات آهي، جيڪو اُن ڏينهن جو روزو رکي ۽ رات جو قيام ڪري (يعني عبادت ڪري) تہ ڄڻ ان 100 سالن جا روزا رکيا، سؤ (100) سالن جي شب بيداري ڪئي ۽ اها رجب جي 27 تاريخ آهي.“ (فَضَائِلُ الْاَوْقَات لِلْبَيْهَقِى، ص 23، حديث: 12)

﴿30﴾

اِنَّ اللهَ لَيُكَفِّرُ عَنِ الْمُؤْمِنِ خَطَايَاهُ كُلَّهَا بِحُمّٰى لَيْلَةٍ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”الله پاڪ هڪ رات جي بخار سبب مؤمن جا تمام پويان گناهہ مٽائي ڇڏيندو آهي.“ (اَلتَّرْغِيْب وَ التَّرْہِيب، 153/4، حديث: 78)

﴿31﴾

لَا يَقْبَلُ اللهُ عَمَلًا فِيْهِ مِثْقَالُ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ مِنْ رِيَاءٍ۔

فرمانِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”الله پاڪ ان عمل کي قبول نہ ڪندو آهي، جنهن ۾ رائي (سرنهن) جي داڻي برابر بہ ريا (يعني ڏيکاءُ) هجي.“ (اَلتَّرْغِيْب وَالتَّرْہِيب، 36/1، حديث: 27)

﴿32﴾

وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ اِنَّ فِيْ غُبَارِهَا شِفَاءً مِّنْ كُلِّ دَاءٍ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضه قدرت ۾ منهنجي جان آهي، بيشڪ مديني جي خاڪ ۾ هر بيماريءَ کان شفا آهي.“ (اَلتَّرْغِيْب وَ التَّرْہِيب، 149/2، حديث: 28)

حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ جڏهن رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غزوه تَبوڪ کان واپس تشريف آڻي رهيا هئا تہ تبوڪ ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل ڪجھ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان مليا، انهن مٽي اڏائي، هڪ شخص پنهنجو نڪ ڍڪي ڇڏيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي نڪ تان ڪپڙو هٽايو ۽ ارشاد فرمايو: ”ان ذات جو قسم جنهن جي قبضه قدرت ۾ منهنجي جان آهي! مديني جي خاڪ ۾ هر بيماريءَ کان

شفا آهي.“ (جَامعُ الْاُصُوْلِ لِلْجَزْرِی، 297/9، حديث: 6992) سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪجھ صـــحابہ کي حڪم فرمايو تہ هو هن خاڪ ســان بخار جو علاج ڪن. پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني پاڪ جي گردوغبار کي پنهنجي چهرهء انور تان صـــاف نہ فرمائيندا هئا ۽ صـــحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي بہ ان ڪان منع فرمائيندا هئا ۽ ارشاد فرمائيندا هئا تہ ”خاڪِ مدينہ ۾ شفا آهي.“
(جَذْبُ الْقُلُوْب، ص 22، 27 ملخصاً)

﴿33﴾

## مَنْ قَرَأَ سُوْرَةَ يٰسٓ فِیْ لَيْلَةِ الْجُمُعَةِ غُفِرَ لَهٗ۔

فرمانِ مصـــطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جنهن شـــبِ جمعہ (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) ســـورت يس جي تلاوت ڪئي، ان جي مغفرت ڪئي ويندي.“ (اَلتَّرغِيْب وَالتَّرهِيْب،298/1،حديث:4)

شـــرحِ حديث: مراد اهو تہ ان جا صـــغيره (يعني ننڍا) گناهہ بخشـــيا ويندا. (جڏهن تہ ڪبيره يعني وڏن گناهن لاءِ توبہ ضروري آهي.)
(فَتْحُ الْقَرِيْبِ الْمُجِيْبِ عَلَی التَّرغِيْبِ وَالتَّرهِيْب ،720/4،تحت الحديث:1100)

﴿34﴾

## تَسْتَغْفِرُ لَهُمُ الْحِيْتَانُ حَتّٰى يُفْطِرُوْا۔

فرمانِ مصـــطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”رمضـــان جي روزيدار لاءِ مڇيون افطار تائين استغفار ڪنديون رهنديون آهن.“ (اَلتَّرغِيْب وَالتَّرهِيْب،55/2،حديث:6)

﴿35﴾

## رياڪاري جو نقصان

## اِنَّ اللهَ عَزَّوَجَلَّ حَرَّمَ الْجَنَّةَ عَلٰى كُلِّ مُرَآءٍ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”اللهُ پاڪ هر رياڪار تي جنت حرام ڪري ڇڏي آهي.“ (جَامِعُ الْاَحَادِيْث،476/2،حديث:6725)

شرحِ حديث: حضرت علامہ محمد عبدالرؤوف مناوي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني رياڪار مسلمان شروعات ۾ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.
(فَيْضُ الْقَدِيْر،286/2،تحت الحديث:1725)

رياڪاري جي تعريف: ”اللهُ پاڪ جي رضا کان سواءِ ڪنهن ٻئي ارادي ســـان عبادت ڪرڻ.“ جڻ تہ عبادت جو مقصـــد هي هجي تہ ماڻهو ان جي

عبادت تي آگاهه ٿين تہ جيئن هو انهن ماڻهن کان مال ميڙي يا ماڻهو ان جي تعريف ڪن يا ان کي نيڪ ماڻهو سمجهن يا ان کي عزت وغيره ڏين. رياڪاري ڪندڙ کي رياڪار چئبو آهي. (اَلزَّوَاجِر،86/1)

﴾36﴿

## بيماري جي فضيلت

مَنْ مَرِضَ لَيْلَةً، فَصَبَرَ وَرَضِيَ بِهَا عَنِ اللهِ، خَرَجَ مِنْ ذُنُوْبِهٖ كَيَوْمٍ وَلَدَتْهُ اُمُّهٗ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو هڪ رات بيمار رهيو، صبر ڪيائين ۽ الله پاڪ جي رضا تي راضي رهيو تہ اهو گناهن مان ايئن نڪري ويو، چڻ تہ ان جي ماءُ ان کي اڄ ئي ڄڻيو هجي.“

(نَوَادِرُالْاُصُوْل، 6/ 19، حديث: 1316)

﴾37﴿

فَاِنَّ مَرَضَ الْمُسْلِمِ يُذْهِبُ اللهُ بِهٖ خَطَايَاهُ، كَمَا تُذْهِبُ النَّارُ خَبَثَ الْحَدِيْدِ وَالْفِضَّةِ۔

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”مسلمان جي بيماري ان کان گناهن کي اهڙي طرح دور ڪري ڇڏيندي آهي، جيئن باهه لوهه ۽ چانديءَ جي مير کي دور ڪري ڇڏيندي آهي.“ (مَعْرِفَةُ الصَّحابَہ، 3536/6، حديث: 7995)

شرحِ حديث: جڏهن مؤمن بانهو بيماري تي صبر ڪندو آهي ۽ الله پاڪ کان ثواب جي اميد رکندو آهي تہ ان کي هي فضيلت عطا ٿيندي آهي، جڏهن تہ جيڪڏهن ڪافر بيمار ٿئي يا ان کي ڪا مصيبت پهچي تہ ان کي ان تي ڪو ثواب نہ ملندو ۽ نہ ئي ان جي ڪنهن عمل جو ڪفارو ٿيندو آهي. بيشڪ بيمارين وغيره جي ذريعي مؤمن بانهي جو امتحان ٿيندو آهي جيئن سون ۽ چانديءَ کي باهه ۾ وجهي پرکيو ويندو آهي، جيڪڏهن مؤمن بانهو بيمارين وغيره تي صبر ڪندو آهي تہ ان کان گناهه دور ٿي ويندا آهن، جيئن سون ۽ چاندي باهه برداشت ڪندا آهن تہ انهن مان ڪوٽ (يعني ملاوت) نڪري ويندي آهي.

(شَرحِ سُنَنِ اَبِی دَاود لِابْنِ رَسْلان، 277/13،تحت الحديث:3092)

﴾38﴿

## ٻاري ۽ پوڙهي جو فرق

حِفْظُ الْغُلَامِ كَالنَّقْشِ فِي الْحَجَرِ وَحِفْظُ الرَّجُلِ بَعْدَ مَا كَبُرَ كَالْكِتَابِ عَلَى الْمَاءِ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نندي ہار جو ياد ڪرڻ پٿر تي لڪير وانگر آهي ۽ مرد جو پوڙهائپ ۾ ڪنهن شيءِ کي ياد ڪرڻ پاڻيءَ تي لکڻ جي مانند آهي.“ (اَلْفَقِيْهُ وَ الْمُتَفَقِّهُ،180/2،رقم:820ملتقطاً)

شرح حديث: علامہ عبدالرؤوف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پوڙهي شخص جا حواس ڪمزور ٿي وڃڻ سبب ان جو ياد ڪيل اهڙي طرح باقي نہ رهندو آهي جيئن پاڻيءَ تي لکيل باقي نہ رهندو آهي، جڏهن تہ نندي ہار جي قوتِ ادراڪ (يعني ميموري، يادداشت ۽ سمجهڻ جي طاقت) مضبوط هجڻ جي ڪري هو جيڪو بہ ياد ڪندو آهي، ان جي ذهن ۾ اهڙي طرح محفوظ ٿي ويندو آهي جيئن پٿر تي نشان محفوظ ويندو آهي. ڪجھ ماڻهن جو چوڻ آهي: ننڍپڻ ۾ علم حاصل ڪرڻ پٿر تي نقش وانگر آهي، جيتوڻيڪ وڏي عمر ۾ عقل وڌيڪ هوندو آهي پر مختلف ڪمن ۾ مشغوليت بہ وڌيڪ هوندي آهي. (چو تہ ٻار ڪم ڪار، ڪمائڻ وغيره کان بي فڪر هوندا آهن، ان ڪري انهن جي ذهنن ۾ ڳالھ جلدي ۽ وڌيڪ وقت لاءِ باقي رهندي آهي.) (فَيْضُ الْقَدِيْر ،515/3،تحت الحديث: 3733)

﴿39﴾

## اک جي اشاري سان ڏيڄارڻ

لَايَحِلُّ لِمُسْلِمٍ اَنْ يُّشِيْرَ اِلٰى اَخِيْهِ بِنَظْرَةٍ تُؤْذِيْهِ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”مسلمان لاءِ جائز ناهي تہ ٻئي مسلمان ڏانهن اک سان اهڙو اشارو ڪري، جنهن سان ان کي تڪليف پهچي.“
(اِتْحَافُ السَّادَةِ الْمُتَّقِيْن، 177/7)

شرح حديث: جو تہ مؤمن کي بغير شرعي اجازت جي تڪليف پهچائڻ حرام آهي. هن حديث پاڪ ۾ ان ڳالھ ڏانهن توجھ ڏياري وئي آهي تہ جڏهن تڪليف پهچائيندڙ نظر سان ڏسڻ حرام آهي تہ جيڪي ڪم ان کان بہ وڌيڪ آهن، مثلاً ڪنهن مسلمان کي برو ڀلو چوڻ يا مارڻ، انهن جي برائي ان کان بہ وڌيڪ آهي. (فَيْضُ الْقَدِيْر ،643/3،تحت الحديث: 8123)

﴿40﴾

مَنْ صَلّٰى رَكْعَتَيْنِ فِيْ خَلَاءٍ لَا يَرَاهُ اِلَّا اللّٰهُ وَالْمَلَائِكَةُ كُتِبَ لَهٗ بَرَاءَةٌ مِّنَ النَّارِ۔

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو اڪيلائيءَ ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي تہ الله پاڪ ۽ ان جي فرشتن کانسواءِ کو نہ ڏسي، ان لاءِ

جهنم کان آزادي لکي ويندي آهي.“ (جَمْعُ الْجَوَامِع،200/7،حديث:22365)

شرحِ حديث: حضرت علامہ عبدالرؤوف مناوي شافعي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن کي (يعني تنهائيءَ ۾ نفل نماز پڙهندڙ کي) آخرت ۾ ان باهه کان بچايو ويندو، جنهن جي ذريعي منافق کي عذاب ڏنو ويندو يا ان لاءِ گواهي ڏني ويندي تہ هو منافق ناهي، ڇو تہ منافق جڏهن نماز لاءِ بيهندا آهن تہ نهايت سستي ۽ بي دليءَ سان نماز پڙهندا آهن. هي روايت ان (نفل) نماز جي فضيلت جي دليل آهي، جيڪا تنهائي ۾ ماڻهن کان لڪي پڙهي وڃي تہ اها نماز قبوليت جي وڌيڪ لائق ۽ ويجهو آهي.

(فَيْضُ الْقَدِيْر، 6/ 218،تحت الحديث: 8808)

حضـــرت علامہ علي بن احمد بن محمد عزيزي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ممڪن آهي تہ الله پاڪ هن نفل نماز پڙهڻ جي برڪت ســـان (ان بانهي کي) ســـچي توبہ جي توفيق عطا فرمائي يا ان جا گناهہ معاف فرمائي ۽ ان جا خصم (يعني ان کان مطالبو ڪرڻ وارا) راضي ٿي وڃن، تنهنڪري ان کي جهنم جي باهہ نہ ساڙيندي. (اَلسِّرَاجُ الْمُنِير، 306/4)

ايندڙ هفتي جو رسالو




فيضانِ مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net